پروفيسر عبدالقادر چاچڙ

# حضرت آدم عہ ۽ بي بي حوا

انسان سموري مخلوق کان شان، مان ۽ مرتبي ۾ افضل ۽ اعلي آهي. الله تعالي حضرت انسان کي سهڻي صورت ۽ شڪل شبيهہ ڏئي پيدا ڪيو آهي.

انسان جي پيدائش (ارتقا) ڪيئن ٿي، ڪهڙا مرحلا طئي ڪري هن موجوده شڪل ۽ صورت ورتي، انهيءَ متعلق ٽي نظريا آهن:

**پهريون نظريو:** قرآن ۽ ٻين آسماني ڪتابن جو نظريو، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ پهرين انسان (آدم عليہ السلام) کي الله تعاليٰ مٽيءَ مان پيدا ڪيو.

**ٻيو نظريو:** ٻيو نظريو هيءُ آهي تہ انسان جو نطفو سمنڊ ۾ ڪنهن ٿيلهي نما شيءِ ۾ محفوظ ڪيو ويو، پوءِ اهو جنين ٻاهر جون غذائون چوسي ٻن سالن ۾ مڪمل انسان بڻجي ٻاهر (ٿيلهي نما شيءِ) آيو.

انهيءَ نظريي کي مسٽر اوڪن سن 1889ع ۾ عقلي دليلن سان اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهو نظريو وڌي نہ سگهيو، ڇو تہ اهو حقيقت تي مبني (رڪيل) نہ هو.

**ٽيون نظريو:** انسان جي ارتقا متعلق ٽيون "ڊارون" جو نظريو آهي، جنهن کي مسٽر چالس ڊارون 59-1958 ۾ پيش ڪيو. انهيءَ مطابق انسان مختلف مرحلا طئي ڪري موجوده شڪل ورتي آهي. اهو نظريو هڪ مغربي عالم پيش ڪيو انهيءَ ڪري هن کي سائنسي نظريو بہ چيو وڃي ٿو.